# غوثِ پاڪ جون نصيحتون

11-November-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

11 نومبر2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# غوثِ پاڪ جون نصيحتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ..........

❖... حياتِ غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو مختصر خُلاصو

❖... ڏٻي انساني زبان ۾ گفتگو ڪئي (واقعو)

❖... الله پاڪ جو پيارو بنائڻ وارو عمل

❖... غريب راتو رات امير بڻجي ويو

پيشڪش
مجلس اَلۡمَدِيۡنَۃُ الۡعِلۡمِيۃ(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **جي معنيٰ آهي: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي. نيت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ۾ ارادو هوندي زبان سان چئي وٺڻ بہ بهتر آهي، جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري نصيب ٿئي، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ٿوري توجھ جي ضرورت آهي،** اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! **گھڻو ثواب هٿ ايندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعي طور تي جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندؤ تہ اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**: جيڪو شخص محبت ۽ شوق سان ٿي پيرا ڏينهن جو ۽ ٿي پيرا رات جو مون تي درودِ پاڪ پڙهي، اللّٰه پاڪ تي حق آهي تہ سندس اُن ڏينهن ۽ اُن رات جا گُنَاهُ مُعَاف فرمائي ڇڏي.**(1)

**اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان ٿورو توجھ ڪريون تہ وڏي آسانيءَ**

1 ...معجم الکبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

سان گُناهہ بخشرائي سگهون ٿا، مثال طور صبح جو فجر جي نماز باجماعت ادا ڪيون، مٿو جهڪائي، اکيون بَند ڪيون ۽ سبزسبز گنبد جو تَصَوُّر ڪري ٿي پيرا درودِ پاڪ پڙهي ونون، اهڙي طرح رات جو سمهڻ مهل چاهي بستر ئي تي ڪعبي ڏانهن منهن ڪري، مٿو جهڪائي اکيون بند ڪيون ۽ پياري پياري گنبدِ خضراء جو تَصَوُّر ڪري ٿي پيرا دُرودِ پاڪ پڙهي ونون، اِن شَآءَ الله الڪريم! ان ڏينهن ۽ ان رات جا گُناهہ مُعَاف ٿي ويندا، خيال رهي! ڪبيره گُناهہ سچّي توبہ سان مُعَاف ٿيندا آهن، ايئن قضا نمازون، قضا روزا، ماڻهن جا مالِي، جسماني حق جيڪڏهن ذِمّي هجن تہ انهن جي ادائيگي پڻ لازمي آهي.

وہ تو نہایت سستا سودا، بیچ رہے ہیں جنّت کا ہم مفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے [1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** چڱي نيت جنت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ علمِ دين سکندس ۞ پورو بيان ٻڌندس ۞ ادب سان ويهندس ۞ نصيحت حاصل ڪندس ۞ احمدِمجتبي، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو مبارڪ ٻڌي ڪري درودِ پاڪ پڙهندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سيپاري: 21، سوره لقمان، آيت:15 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

---

[1]... حدائقِ بخشش، صفحہ:186۔

[2]... بخاری، کتَاب: بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

وَّاتَّبِعۡ سَبِيۡلَ مَنۡ اَنَابَ اِلَىَّ ۚ.

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت سڳوري ۾ اسان کي اُنهن جي واٽ تي هلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جيڪي الله پاڪ جي طرف رجُوع ڪرڻ يعني الله پاڪ جي ڪمال فرمانبرداري ڪرڻ وارا آهن.

۞ يقيناً هن دُنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪرڻ واري هستي اسان جا آقا ۽ مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن ۞ پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي واسطي سان صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان بہ الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪرڻ وارا آهن ۞ ولي سڳورا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم بہ الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪرڻ وارا آهن ۞ امامِ اعظم امام ابوحنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بہ الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪرڻ وارا آهن ۞ داتا حُضُور ۞ خواجہ معين الدين اجميري ۞ بابا فريد ۞ اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم مطلب تہ: تمام اولياءِ ڪرام ئي الحمد لله! الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪرڻ وارا آهن.

”هاڻي آيتِ ڪريمہ جو مطلب هيئن ٿيندو: ۞ اي انسانو! اسان جي محبوب، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي واٽ تي هلو! ۞ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي راهہ تي هلو...! ۞ عاشقانِ رسول عالمن جي واٽ تي هلو! ۞ اَولياءِ ڪرام جي راهہ تي هلو...!“[1]

ڇو؟ ان ڪري جو اهي ئي ماڻهو حق جي راهہ تي آهن، اهي ئي ماڻهو جنّت جي راهہ تي آهن، اهي ئي ماڻهو الله پاڪ جي راهہ تي آهن، اهي ئي صراطِ مستقيم (يعني سڌي واٽ) تي آهن، لھٰذا جڏهن اسان انهن جي پاڪيزه سيرتن مان

[1]…تفسير قرطبی، پاره:21، سورۂ لقمان، زيرِ آيت:15، جلد:7، صفحہ:42 ماخُوذًا۔

روشني حاصِل ڪري، انهن جا فرمان پڙهي، سمجهي، انهن تي عمل ڪري انهن پاڪيزه هستين جي راهه تي هلنداسين ته انهن جي صدقي اسان به سڌي راهه جا مُسَافِر بڻجي ويندا سين ۽ اِن شَآءَ الله الكريم! انهن جي سيرت تي هلندي هلندي آخرڪار جنّت ۾ پهچي ويندا سين.

اللہ اللہ کئے جانے سے اللہ نہ ملے　　　اللہ والے ہیں جو اللہ سے ملا دیتے ہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول! الحمد لله!** ربيع الآخر جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ پيرانِ پير، پير دستگير، روشن ضمير، سرڪارِ غوثِ اعظم، حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وڏي يارهين شريف خوب جوش ۽ جذبي سان ملهائي ويندي آهي. يقيناً شهنشاهه بغداد، سرڪار غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به الله پاڪ جي طرف گهڻا رجوع ڪرڻ وارا، نيڪ عمل ڪرڻ وارا، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪمال فرمانبرداري ڪرڻ وارا آهن. لهٰذا هينئر اسان جيڪا آيت سڳوري ٻُڌي، ان آيت ۾ ڏنل حڪم تي عمَل ڪرڻ جي نيت سان اڄ اسان سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ جا ڪجهه گوشا ۽ سندن ڪجهه نصيحتون ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي شهنشاهه بغداد حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان دِل جي گهرائين سان محبت جو اظهار ڪرڻ، سندن سيرتِ پاڪ مان روشني حاصِل ڪرڻ ۽ ڪين تعليمات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

مرتبہ یُوں ترا خالق نے بڑھایا یاغوث!　　　اولیا کا تجھے سلطان بنایا یاغوث!
میں نکما تو کسی کام کے قابِل ہی نہ تھا　　　مجھ سے بے کار کو تم نے ہی نبھایا یاغوث!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو مختصر تَعَارُف

شهنشاھ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ الحمدلله! مشهور ۽ معروف بزرگ آهن، الحمد لله! عاشقانِ رسول جو هڪ تعداد اهڙو بہ آهي جيڪي پنهنجي اَولاد کي نندپڻ کان ئي غوثِ پاڪ جي محبت سيکارين ٿا ۞ حضور غوثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو نالو: عبد القادِر ۽ ڪنيت: ابو محمد آهي ۞ مُحي الدّين (يعني دِين کي زِنده ڪرڻ وارا) ۽ غَوثُ الثَّقَلين (يعني جنّن ۽ انسانن جا غوث، مددگار) سندن مشهور لقب آهن.

تُو ہے وہ غَیۡث کہ ہر غیث ہے پیاسا تیرا　　تُو ہے وہ غَوۡث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا

وضاحت: يعني اي اسان جا پيارا غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ! اوهان اهي غوث آهيو جو هر غوث اوهان جو عاشِق آهي، اوهان برسات جا اهي ناياب پاڻي آهيو جو پاڻ برسات بہ ان جي اُڃاري آهي.

۞ حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ 470 هجري تي جيلان ۾ پيدا ٿيا ۞ پاڻ 91 سال هن دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا ۞ 561 هجري ۾ پاڻ دُنيا مان لاڏاڻو فرمايو ۞ حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تمام وَلين جا ولي آهن، پيرن جا پِير آهن، پِير دستگير، روشن ضمير آهن، سلطان الاولياء آهن ۞ جهڙي طرح پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وِلايت ۾ تمام وڏو رُتبو رکندڙ آهن ۞ اهڙي طرح عِلم ۾ بہ تمام وڏي رُتبي جا مالِڪ آهن ۞ پاڻ پنهنجي زماني جا سڀ کان وڏا مفتي هئا ۞ باقاعده فتوائون پڻ لکندا هئا ۞ ۽ مدرسي ۾ پڙهائيندا بہ هئا.

اچو! حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي انتهائي سبق آموز نصيحت ٻڌون ٿا:

## (نصيحت:1): هر مسلمان تي 3 ڪم لازم آهن

حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو هڪ ڪتاب آهي: فُتُوحُ الغَيب. هن ڪتاب ۾ حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نصيحت ڪندي فرمائن ٿا: هر مسلمان تي هر حال ۾ (يعني ڏينهن هجي، رات هجي، سردي هجي، گرمي

هجي، خُوشي هجي، غم هجي، مَصرُوفيت هجي، فراغت هجي، غرض جيستائين جسم ۾ جان آهي، جيستائين عقل سلامت آهي، ساهه هلي رهيا آهن ان وقت تائين هر مسلمان تي) 3 ڳالهيون لازِم آهن:

**(1):** اَمرٌ يَمْتَثِلُه شريعت جي حڪم تي عمل ڪري **(2):** نَهْيٌ يَجْتَنِبُهٗ شريعت جي منع ڪيل ڳالهين کان بچندو رهي **(3):** قَدْرٌ يَرْضٰى بِهٖ تقدير تي هميشه راضي رهي.

**حضور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ۞ **مسلمان جي ادنيٰ حالت اها آهي جو اهو ڪنهن وقت به انهن ٽن ڳالهين مان ڪنهن هڪ کان به خالي نه هجي** ۞ ان جي دِل انهن ٽنهي ڳالهين جو پڪو ارادو ڪندي رهي ۞ ٻانهو پنهنجي پاڻ سان اهي ڳالهيون بيان ڪندو رهي ۞ ۽ پنهنجي عضوئن کي هر وقت ان ۾ مَصرُوف رکي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** غور ڪيو! ڪيتري مختصر ۽ کهڙي نه زبردست نصيحت آهي. **شيخ عبد الحق مُحَدِّث دهلوي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ان جي شرح ۾ فرمائن ٿا: حُضُور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **هن مختصر نصيحت ۾ سڄي دِين جو خُلاصو بيان فرمائي ڇڏيو آهي.**[2]

هتي ڪمال ڏسو! اسان وٽ ڪي ماڻهو چوندا آهن: مولانا صاحب! اسان ته دُنيا دار آهيون، بَس جيترو ٿي سگهي ٿو، نمازون پڙهي وٺون ٿا، ذِڪر اَذڪار ڪري وٺون ٿا، **حُضُور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **اهڙن وسوسن جو به علاج ٻڌايو آهي،** فرمايائون: **انهن ٽنهي ڳالهين تي عَمَل ڪرڻ** (يعني: (1): **الله پاڪ جي اَحڪامن جي پيروي ڪرڻ** (2): **منع ڪيل ڳالهين کان رُڪجي وڃڻ** (3): ۽ **تقدير تي راضي رهڻ،** انهن ٽنهي ڳالهين تي عَمَل ڪندو رهڻ) **اها مسلمان جي اَدنيٰ حالت آهي. مطلب** اِهو آهي ته هر اهو شخص جنهن ڪلمو پڙهيو آهي، هاڻي ڪٿي اهو دُنيا دار آهي، چاهي دينددار آهي، چاهي واپاري آهي، چاهي وڪيل آهي، ڊاڪٽر آهي يا ڊرائيور آهي، سيٺ آهي يا نوڪر آهي، وڏي کان وڏي بادشاهه کان وٺي غريب کان به

---

[1]... فتوح الغيب، صفحه:17۔

[2]...شرح فتوح الغيب، صفحه:10 ماخوذًا۔

غريب انسان تائين هر اهو شخص جنهن ڪلمو پڙهيو آهي، جنهن کي ايمان جي دولت نصيب آهي، ان تي لازِم آهي ته هُو انهن ٽنهي ڳالهين تي هميشه عَمَل ڪندو رهي.

وڏيڪ هتي هڪ ٻي نڪتي تي غور ڪيو! عام طور تي اسان جي ذِهن ۾ ڪيئي قسم جا خيال گُهمي رهيا هوندا آهن، اسان ڪوڙ سارا منصوبا ٺاهي رهيا هوندا آهيون، اسان دِل ئي دِل ۾ وڏا وڏا خواب سجائي رکيا هوندا آهن بلڪ اهڙن ماڻهن جو به هڪ تعداد آهي جيڪي نماز پڙهندي به دُنياوي سوچن ۾ گم هوندا آهن، هتي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تعليم ڏسو! پاڻ فرمايائون: فَلْيُحَدِّثْ بِهَا نَفْسَهٗ يعني انسان کي گهرجي ته پنهنجو پاڻ سان اهي ٽي ڳالهيون بيان ڪندو رهي.

مطلب اهو ته جهڙي طرح اسان دُنياوي معاملن ۾ خواب سجائيندا رهون ٿا، ڪمائڻو ڪٿان ڪان آهي؟ ڪائڻو ڇا آهي؟ هڪ دُڪان کوليو آهي، هاڻي ٻيو ڪڏهن کولڻو آهي؟ هڪ ڪاروبار ڪامياب ٿي ويو، ٻيو ڪيئن شروع ڪرڻو آهي؟ ايئن اسان اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي، هر وقت ڪنهن نه ڪنهن سوچ ۾ هوندا آهيون، دُنيا ۾ اڳتي وڌڻ جا خواب سجائي رهيا هوندا آهيون، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڻ اسان کي اهو دَرس ڏنو ته توهان دُنياوي مُعَاملن ۾ خواب سجائيندا رهو ٿا، پنهنجي اندر ئي اندر دُنيا ۾ اڳتي ڪان اڳتي وڌڻ بابت سوچيندا رهو ٿا، اهڙن خيالن کي ڇڏيو! اهو سوچيو ته مان الله پاڪ جي اَحڪامن تي ڪيترو عمل ڪري رهيو آهيان، جيڪڏهن گهٽتائي آهي ته هن گهٽتائي کي پري ڪيئن ڪرڻو آهي؟ اهو سوچيو ته الله پاڪ جن ڪمن ڪان منع ڪيو آهي، مان انهن ڪمن ڪان ڪيترو رڪجان ٿو، جيڪڏهن گهٽتائي آهي ته ان گهٽتائي کي پري ڪيئن ڪرڻو آهي؟ توهان هنن ڳالهين جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو، انهن ڪمن کي ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو ته توهان جي دُنيا به بهتر ٿي ويندي ۽ توهان جي آخرت به موچاري ٿي ويندي.

**اي عاشقانِ غوث پاڪ!** اچو! پيرانِ پير، پير دستگير حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن نصيحت تي عَمَل ڪرڻ جي نيت ڪيون ٿا. صِرف 3 ڳالهيون آهن: انهن ڪي پنهنجي ذِهن ۾ رکو! (1): شريعت جي اَحڪامن تي عمل ڪرڻو آهي (2): شريعت جي منع ڪيل ڪمن کان بچڻو آهي (3): ۽ تقدير تي هميشہ راضِي رهڻو آهي، بي صبري ناهي ڪرڻي، مصيبت اچي، پريشاني اچي تہ رڙيون ناهن ڪرڻيون، روج راڙو ناهي ڪرڻو، بلڪ الله پاڪ جي رِضا تي راضِي رهڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي هن سبق آموز نصيحت تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

از پئے غوثِ اعظم وِلایت اپنی رحمت سے فرما عنایت
اپنی، اپنے نبی کی وِلا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دے دے[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث پاڪ جي زندگي جا مختصر احوال

**پيارا اسلامي ڀائرو!** شهنشاهِ بغداد حُضُورغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 91 سال ظاهري زِندگي سان هن دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، عالم سڳورن غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن 91 سالن جي مبارڪ زندگي کي ٽن حِصَّن ۾ ورهايو آهي:

(1): **پهريون حِصّو:** حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وِلادت کان وني 18 سال تائين. هن عرصي ۾ پاڻ پنهنجي آباڻي وطن جيلان ۾ تشريف فرما رهيا، اتي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون (2): **ٻيو حِصو:** 18 سالن جي عمر مبارڪ کان 51 سالن جي عمر مبارڪ تائين، اهي ڪل 33 سال بڻجن ٿا، هن عرصي ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بغداد تشريف وني آيا ۽ هِتي ديني عِلم حاصِل ڪيائون، انهيءَ دوران خوب مُجاهدات پڻ ڪيائون، پاڻ جنگلن ۾ وڃي، اڪيلائي ۾ رهي الله پاڪ جي عِبَادت ڪندا هئا ۽ ذِڪر ۽ فِڪر ۾

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:126۔

مشغول رهندا هئا (3): **ٽيون حِصو:** 51 سال جي عمر مبارڪ کان 91 سالن جي عمر مبارڪ تائين يعني ڪل 40 سال. هن عرصي ۾ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه باقاعِدَه دَرس ۽ بيان جو سلسلو شُروع ڪيائون، نيڪي جي دعوت ڪي عام ڪيائون، عِلمِ دِين جي روشني ڦهلائي، هدايت جا ڏيئا روشن ڪيائون، ماڻهن کي حق واري دين جي واٽ ڏيکاريائون، سُنتن کي عام ڪيائون ۽ هزارين ڀٽڪيل کي سڌي راهه جو مُسَافِر بڻايائون.

ڪمال جي ڳالهه اها آهي ته حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زِندگي مبارڪ جي انهن ٽنهي مرحلن جي ابتداء غيبي اشارن ۽ بشارتن سان ٿي. جيئن ته

## وِلادت جي رات بِشَارت

جنهن رات شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وِلادتِ باسَعَادت ٿي، ان رات سندس والِدِ محترم حضرت ابوصالِح موسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پُٽ جي مبارڪباد ڏيندي ۽ بشارت سان نوازيندي فرمايو: يَااَبَا صالِح اي اَبُو صالح! اَعْطَاكَ اللهُ اِبْنًااللہ پاڪ اوهان کي پٽ عطا ڪيو آهي، هُوَ وَلِيِّ وَ مَحْبُوْبِي وَ مَحْبُوبُ اللهِ توهان جو هي پٽ منهنجو دوست به آهي، منهنجو محبوب به ۽ الله پاڪ جو به محبوب آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو: وَسَيَكُونُ لَهٗ شَاْنٌ فِي الْاَوْلِيَاءِ وَ الْاَقْطَابِ كَشَاْنِيْ بَيْنَ الْاَنْبِيَاءِ وَ الْمُرْسَلِيْن يعني (اي ابوصالح!) اَولياءِ ڪرام جي وچ ۾ توهان جي پٽ جو اهڙو ئي شان هوندو، جهڙو نبين ۽ رسولن جي وچ ۾ منهنجو شان ۽ عظمت آهي.(1)

غوثِ اعظم دَرمیانِ اَولیا     چُوں مُحَمَّد درمیانِ انبیاء

1 ... سيرت غوث الثقلين، صفحه:55۔

**ترجمو:** اولياءُ **الله** جي وچ ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ايئن آهن جيئن نبين جي وچ ۾ مُحَمَّد مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آهن.**

**پيارا اسلامي ڀائرو! اها هُئي حُضُور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جي ولادتِ باسَعَادت جي** وقت جي بشارت، پوءِ **جڏهن پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 18 **سالن جا ٿيا تہ کين هڪ غيبي** اشارو مليو

## ڍَڳي (ڏاند) انساني زبان ۾ گفتگو ڪئي

**پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **خُود فرمائن ٿا:** حج جا ڏينهن هئا، هڪ ڀيري مون کي جنگل ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو، اُن وقت هڪ ڍڳو منهنجي اڳيان اڳيان هلي رهيو هو، اوچتو ان ڍَڳي مون ڏانهن ڏسي چيو: اي عبد القادر! مَالِهٰذَا خُلِقْتَ اوهان کي هن لاءِ ناهي پيدا ڪيو ويو. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڍَڳي کي ايئن (انساني زبان ۾) ڳالهيون ڪندي ٻڌي مان گهٻرائجي گهر موٽي آيس، پوءِ مان پنهنجي گهر جي ڇت تي ويس تہ مون کي پنهنجي گهر جي ڇت (يعني جيلان شريف) مان عرفات جو ميدان نظر اچڻ لڳو، مون ميدانِ عرفات ۾ حاجين کي بيٺل ڏٺو.

ان کان بعد مان پنهنجي امڙ سائڻ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو، اوهان مون کي **الله** پاڪ جي راھ لاءِ وَقف ڪري ڇڏيو ۽ مون کي بغداد وڃڻ جي اجازت عطا ڪيو تہ جيئن مان اتي وڃي عِلمِ دين حاصل ڪيان ۽ نيڪ ماڻهن جي زيارت ڪيان. امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: پٽ! مان توکي صرف **الله** پاڪ جي رضا جي لاءِ پاڻ کان جُدا ڪيان ٿي، هاڻي قيامت جي ڏينهن ئي توکي ڏسنديس.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** اها هُئي سيرتِ غوثِ پاڪ جي ٻي مرحلي جي ابتداء. امڙ سائڻ وٽان اجازت ملڻ کان بعد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **بغداد تشريف وٺي** ويا ۽ 33 سالن تائين عِلمِ دين سکندا رهيا، مجاهدات ڪندا رهيا، جنگلن ۾ وڃي، تنهائي ۾ رهي **الله** پاڪ جي عِبَادت ڪندا رهيا. جڏهن سندن عمر مبارڪ

---

[1] ...بهجة الاسرار، صفحہ:167۔

51 سال ٿي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وري هڪ حڪم مليو ۽ سندن مبارڪ زِندگي جي ٽئين مرحلي جي ابتداء ٿي؛

## سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نوازشون ۽ عنايتون

حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مون کي ظهر جي نماز کان پهريان سجاڳي واري حالت ۾ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي منهنجا پٽ! توهان وعظ ۽ نصيحت (يعني دَرس ۽ بيان) ڇو نٿا ڪيو؟

مون عرض ڪيو: حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! مان هڪ عجمي شخص آهيان، بغداد جي عربي زبان جي ماهر ماڻهن اڳيان ڪيئن بيان ڪيان؟ سرڪارِ ذي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: وات کوليو! مون وَات کُوليو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ست ڀيرا منهنجي وات ۾ پنهنجو لعاب مبارڪ (يعني ٿُڪ شريف) وڌي ۽ فرمايائون: وڃو! هاڻي وعظ ڪندا ڪيو ۽ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيو.

حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وري ظهر نماز کان بعد مون کي اسلام جي چوٿين خليفي امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه منهنجي وات ۾ ڇهه ڀيرا لعاب مبارڪ وجهي فرمايو: وعظ ۽ نصيحت ڪيو.(1)

ان کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه باقاعِده درس ۽ بيان ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ شروع فرمائي ۽ 40 سالن تائين مسلسل نيڪي جي دعوت کي عام ڪندا رهيا.

جو ہیں وَقْفِ سُنّت کی خدمت کی خاطر انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو روزانہ دیتے ہیں نیکی کی دعوت انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم

---

1 ...بهجة الاسرار، صفحه:58.

سفر قافلے میں جو کرتے ہیں ہر ماہ　انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# درس ۽ بيان بابت غوثِ پاڪ جو معمول

۞ حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هفتي ۾ 3 ڏينهن بيان ڪندا هئا ۞ ابراهيم بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عالمن وارو لباس پائي ۽ مٿانهين جڳهه (مثال طور منبر وغيره تي) ويهي بيان ڪندا هئا ۞ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ابتداء ۾ مون وٽ ٻه يا ٽي ماڻهو ويهندا هئا، پوءِ آهسته آهسته ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿيڻ لڳو، ماڻهو پري پري کان گهوڙن، خچرن ۽ اُٺن وغيره تي سُوار ٿي بيان ٻڌڻ جي لاءِ ايندا هئا، ان وقت تقريباً 70 هزار جو اجتماع ٿيندو هو (بعد ۾ ان اجتماع جو تعداد مزيد وڌي ويو هو).[1]

۞ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شهزاده حضرت عبد الوهاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محفل ۾ وڏا وڏا عالم ۽ مَشَائِخ سڳورا حاضِر ٿيندا هئا ۞ انهن ۾ 400 وڏا وڏا عالم ته اهي هئا جيڪي باقاعِده ڪاغذ، قلم کڻي سندن فرمان ۽ ارشاد لکندا هئا.[2] ۞ شيخ عمر ڪيماني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪڏهن ايئن نه ٿيو ته پاڻ بيان فرمايو هجي ۽ محفل مان ڪنهن توبه نه ڪئي هجي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان ٻڌي لازمي طور ڪو نه ڪو شخص توبه ڪندو هو، غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندا هئا.[3] ۞ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي هٿ تي 5 هزار کان وڌيڪ غير مسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ هڪ لک

---

[1]...بهجة الاسرار، صفحہ:177۔

[2]...بهجة الاسرار، صفحہ:184۔

[3]...قلائد الجواہر، صفحہ:93۔

ڪان وڏيڪ گنهگارن توبہ ڪئي.[1]

بیاں سُن کے توبہ گنہگار کر لیں　　زباں میں وہ دیدو اَثَر غوثِ اعظم!

## عيسائي پادري اسلام قبولي ورتو

هڪ ڀيري سِنَان نالي هڪ عيسائي پادري حضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبدالقادِر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي محفل ۾ حاضِر ٿيو، غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي بيان ڪان بعد ان اجتماع ۾ بيهي چيو: مان يمن جو رهواسي آهيان، منهنجي دِل ۾ حق جو نُور پيدا ٿيو ۽ مون اسلام قبول ڪرڻ جو ارادو ڪيو، مان چاهيندو هئس تہ يمن جي تمام افضل ۽ اعليٰ شخص جي هٿ تي اسلام قبول ڪيان. انهيء سوچ ۾ هئس تہ مون کي ننڊ اچي وئي، مون کي خواب ۾ الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جي زيارت نصيب ٿي، حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جن فرمايو:

اي سنان! بغداد وڃ...! ۽ شيخ عبد القادر جيلاني (رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ) جي هٿ تي اسلام قبول ڪر، ڇوتہ هن وقت زمين تي هو سڀني ماڻهن ڪان افضل ۽ اعليٰ آهي. پوءِ ان ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪيو.[2]

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا　　اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

سَر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا　　اَوْلیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا

**اي عاشقانِ رسول!** ڏٺو اوهان! حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا بيان ڪيتري قدر انقلابي هوندا هئا، ماڻهو سندن بيان ٻڌي بيحد متاثّر ٿيندا هئا، اُنهن جي دِل ۾ عشقِ مصطفيٰ جا چراغ روشن ٿيندا ها، دِل ۾ خوفِ خُدا پيدا ٿيندو هو، سندن بيان ٻڌي ماڻهو پنهنجي گناهن تي شرمسار ٿيندا هئا ۽ توبہ ڪري نيڪ بڻجي ويندا هئا. ڪيترا خوش نصيب آهن اهي عاشقانِ اَولياء جيڪي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي درس و

---

[1]...قلائد الجواہر، صفحہ:96۔

[2]...بهجة الاسرار، صفحہ:185۔

بيان جي سَعَادت حاصِل ڪن ٿا. الله پاڪ اسان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو نہ ختم ٿيندڙ جذبو نصيب فرمائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

اچو! حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي انهن انقلابي بيانن مان عِلم ۽ حڪمت ۽ نصيحت جا مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪيون ٿا:

## (نصيحت:2): الله پاڪ جو پيارو بڻائيندڙ عمل

11 جمادي الآخر، 545 هجري تي حُضُور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي مدرسي ۾ بيان ڪيو، ان دوران پاڻ فرمايائون: اي مال دارؤ! جيڪڏهن دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا تہ پنهنجي مال جي ذريعي غريبن سان همدردي ڪيو![1] پوءِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ حديثِ پاڪ بيان فرمائي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جا عِيَال آهن، الله پاڪ کي سڀ کان وڏيڪ پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال کي گهڻو فائدو پهچائڻ وارو هجي.[2]

**غوث پاڪ جي مبارڪ بيان جي وضاحت:** عِيال: عَول مان ٺهيو آهي، ان جي معنيٰ آهي محتاجي. اهي ماڻهو جن جو ڪپڙو لٽو، خرچ وغيره انسان تي لازِم ٿيندو آهي، مثال طور گهر واري، اولاد وغيره، اهي انسان جا عيال چورائيندا آهن. حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي بيان ۾ جيڪا حديثِ پاڪ ذِڪر ڪئي آهي، ان ۾ تمام انسانن کي الله پاڪ جو عيال چيو ويو آهي، مطلب اهو آهي تہ تمام انسان الله پاڪ جا ٻانها، ان جا محتاج آهن، الله پاڪ سڀني جو رِزق پنهنجي ذمي تي ورتو آهي، الله پاڪ سڀني کي رِزق ڏئي ٿو، سڀني کي پالي ٿو. ۽ الله پاڪ جو وڏيڪ پيارو، وڏيڪ محبوب اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال (يعني ٻانهن) کي وڏيڪ فائدو پهچائڻ وارو آهي. عَلّامہ مناوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، الله پاڪ جي راهہ ڏانهن سڏڻ،

---

[1]... فتح الرحمٰن، صفحہ:127۔

[2]... موسُوعہ ابنِ ابی دُنیا، کتاب: قضاء الحوائج، جلد:4، صفحہ:159، حدیث:24۔

عِلمِ دين سيکارڻ، ماڻهن سان نرمي سان پيش اچڻ، ماڻهن تي رحم ڪرڻ، شفقت ڪرڻ، انهن تي مال خرچ ڪرڻ، مطلب: (شريعت جي دائري ۾ رهندي) ديني يا دُنياوي ڪنهن معاملي ۾ ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ، اهو سڀ ڪجهه ماڻهن کي نفعو پهچائڻ ۾ شامِل آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن مبارڪ بيان ۽ ذِڪر ڪيل حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو ته ماڻهن جي مدد ڪرڻ، غريبن، مسڪينن، يتيمن سان همدردي ڪرڻ، انهن کي فائدو پهچائڻ الله پاڪ جو محبوب بنائڻ وارو عَمَل آهي. الحمدلله! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خُود به گهڻي همدردي ڪرڻ وارا، نهايت شفيق ۽ مهربان هئا.

## هڪ پريشان حال غريب جي دِل جُوئي

اَبُوعبد الله محمد بن خضر حسيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن سرڪار غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نظر هڪ پريشان حال فقير تي پئي، هڪ مسلمان کي ڏُک ۽ غم جي حالت ۾ ڏسي حُضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيتاب ٿي ويا ۽ پڇيائون: مَاشَأْنُكَ يعني توکي ڇا ٿيو آهي؟ فقير جواب ۾ عرض ڪيو: حضور! مون کي درياءِ دجله جي هُن پار وڃڻو آهي پر پيسا ناهن، مَلّاح (يعني ٻيڙي هلائڻ وارو) ڪرائي جي بغير ٻيڙي ۾ ويهارڻ تي راضِي نه آهي. ملّاح جي ان رويي سان منهنجي دِل ٽٽي پئي جيڪڏهن مون وٽ پيسا هجن ها ته مون کي ايئن مايوس نه ٿيڻو پوي ها.

راوِي چوي ٿو: فقير اڃا پنهنجي ڳالهه پُوري به نه ڪئي هئي جو هڪ شخص بارگاهِ غوثيت ۾ حاضِر ٿيو، ان غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ ٿيلهي نذراني طور پيش ڪئي، ان ٿيلهي ۾ 30 دينار(يعني سون جا سِڪا) هئا، غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي 30 ئي دينار ان غريب کي ڏيندي فرمايائون: اهي تمام

[1]…فيض القدير، جلد:3، صفحه:674، زيرِ حديث:4135۔

دينار مَلَّاح کي ڏئي ڇڏيو ۽ چئجانس ته هُو آئنده ڪنهن غريب کي درياء پار ڪٽي وجڻ کان انڪار نہ ڪري.[1]

اسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم فقیروں کے حاجت روا غوثِ اعظم
گھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا مدد کے لئے آؤ یاغوثِ اعظم

## غريب راتورات امير ٿي ويو

غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شهزادي شيخ عبد الرزاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو بيان آهي: هڪ ڀيري سرڪارِ غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حج جي سفر تي روانو ٿيو، ڪثير تعداد ۾ مُرِيد ۽ خادم پاڻ سان گڏ هئا، رستي ۾ هڪ ڳوٺ آيو، ان جو نالو هو: حِلَّہ. غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان ڳوٺ ۾ ترسڻ ۽ اُتي رات گذارڻ جو ارادو ڪيو. خادِم کي حڪم ڏنائون ته ان ڳوٺ ۾ سڀ کان پريشان حال ۽ غريب گهر تلاش ڪيو. خادِم ڳوٺ ۾ وڃي سڀ کان غريب گهر ڳولڻ لڳو، ڳوليندي ڳوليندي ان جي نظر هڪ گهر تي پئي، ڏنائين ته اهو هڪ پُراڻو ٽٽل گهر آهي، ان ۾ هڪ پوڙهو، هڪ پوڙهي ۽ اُن جي هڪ ننڍڙي ٻارڙي رهي ٿي، گهر ۾ ڪو سازسامان بہ نہ آهي، نهايت غريب ماڻهو هئا، خادِم واپس اچي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ان گهر جي باري ۾ خبر ڏني ته پاڻ رات گذارڻ جي لاءِ ان گهر ڏانهن ويا، سڀ کان پهريان پاڻ سلام ڪيائون، پوءِ ان گهر ۾ رات گذارڻ جي اجازت چاهي.

وہ آئے ہمارے گھر خُدا کی قدرت ہے کبھی ہم اُن کو، کبھی اپنے گھر کو دیکھتے ہیں

اُن غريب جي ته ڄڻ قسمت ئي جاڳي پئي، حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ هلي ان جي گهر آيا، اُن پوڙهي غريب شخص نهايت ادب سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي رُڪڻ جي لاءِ پنهنجو گهر حاضِر ڪيو. حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

[1] ... بهجة الاسرار، صفحه:199۔

پنهنجي خادمن سان گڏ اتي رُڪيا .

حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪا معمولي شخصيت تہ نہ هئا، ڪين وڏو مقام هو، وڏو نالو هو، پري پري تائين شهرت هئي، ”پاڻ حِلَّ ۾ تشريف وٺي آيا آهن“ اها خبر ڪجھ ئي دير ۾ سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي وئي. اُن ڳوٺ جا رهاڪو وڏا وڏا عالم ۽ مشائخ، وڏا وڏا امير، رئيس بارگاهِ غوثيت ۾ حاضِر ٿيڻ لڳا، سيني جو اهو ئي مطالبو هو تہ عاليجاهہ! اهو پراڻو گهر آهي، هن ۾ اوهان کي تڪليف ٿيندي، اسان وٽ تشريف آڻيو، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن جي گذارش قبول نہ ڪئي بلڪ انهيءَ غريب وٽ ترسڻ پسند ڪيائون. آخر عالمن ۽ بزرگن ۽ امير ۽ رَئيس ماڻهن اتي انهيءَ گهر ۾ بارگاهِ غوثيت ۾ نذرانا پيش ڪرڻ شروع ڪيا، ڪو ٻڪري پيو آڻي، ڪو مينهن، ڪو سون، ڪو چاندي ۽ ڪو اَنُ، يڪدم ئي ان غريب شخص جي گهر ۾ نذرانن جو ڍير جمع ٿي ويو.

حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي تمام تحفا تحائف، سڄو مال و دولت ان غريب انسان کي ڏنائون، ان وٽ رات گذاري ۽ سَفر تي روانا ٿي ويا.

شيخ عبد الرزاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 2 سالن کان پوءِ مون کي ٻيهر ان ڳوٺ ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو، مون ڏٺو تہ اهو ئي غريب پوڙهو شخص جيڪو 2 سال پهريان ڳوٺ جو سڀ کان غريب ماڻهو هو، هاڻي اهو ڳوٺ جو سڀ کان امير شخص بڻجي چڪو هو، ان ٻڌايو تہ: منهنجو اهو سڄو مال ۽ دولت حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انهيءَ هڪ رات جي عنايت جي برڪت آهي. (1)

زمانے کے دُکھ درد کی رنج و غم کی ترے ہاتھ میں ہے دوا غوثِ اعظم
اگر سلطنت کی ہوس ہو فقیرو کہو شَیْئًا لِلّٰہ یاغوثِ اعظم

1 ... بهجة الاسرار، صفحہ:198۔

**اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اي عاشقانِ اوليا!** ڏٺو اوهان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترا غريب نواز، غريبن سان همدردي ڪندڙ، پنهنجي ناني سائين، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمّت جو ڪيترو دَرد رکندڙ هئا. يقيناً پاڻ چاهين ها تہ ڪنهن امير شخص وٽ رات رهن ها، سندن لاءِ اعليٰ کان اعليٰ رهائش جو انتظام ڪيو وڃي ها پر پاڻ هڪ غريب وٽ رهڻ پسند ڪيائون ۽ سُبحٰنَ الله! شان ڏسو...! شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻَوٽ جي سيءُ کان غريب شخص جي گهر صِرف هڪ رات گذاري ۽ ان ڪي ٻَوٽ جو سيءُ کان امير شخص بڻائي ڇڏيو.

کھلا دے جو مرجھائی کلیاں دلوں کی ۔۔۔ چلا کوئی ایسی ہوا غوثِ اعظم
دِکھا دے ذرا مہرِ رُخ کی تجلّی ۔۔۔ کہ چھائی ہے غم کی گھٹا غوثِ اعظم

اي ڪاش! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي بہ غريبن سان همدردي ۽ خير خواهي جو جذبو نصيب ٿئي.

## ڏُکايل ٻڍڙيءَ جي عجيب غمخواري

شهنشاهِ بغداد، حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وڏي مشهور ڪرامت آهي، هڪ ڏينهن پاڻ درياءِ دجلہ جي ڪناري ويا، ڏٺائون تہ: هڪ ٻڍڙي دريا جي ڪناري ويهي زارو قطار رَوئي رهي آهي. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خادِمِ کي فرمايو: پڇا ڪيو تہ ٻڍڙيءَ کي ڪهڙي پريشاني آهي. خادِمِ عرض ڪيو: حُضُور! هن ٻڍڙيءَ جو هڪ ئي پٽ هو، اُن وڏي خوشي سان سندس شادي جو اهتمام ڪيو، ڄڃ دريا جي هُن پار وئي، نِڪاح ڪري گهوٽ پنهنجي ڪنوار وٺي ڄڃ سميت ٻيڙيءَ ذريعي واپس موٽي رهيو هو تہ سڄي ٻيڙي ڄڃ سميت درياءَ ۾ ٻڏي وئي، هن واقعي کي 12 سال گذري چڪا آهن پر ان ٻڍڙي جي دِل ۾ پنهنجي پٽ جو غم اڃا تائين تازو آهي، اها ايئن روزانو اچي روئيندي آهي ۽ مايوس ٿي گهر موٽي ويندي آهي.

ٻڍڙيءَ جو غم سان ڀريل داستان ٻڌي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اُن ٻڍڙيءَ تي رحم آيو، پاڻ بارگاهه اِلٰهي ۾ هٿ کنيائون، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ خوب ٻاڏائي دُعا گهري: موليٰ! ٻڍڙي جي پٽ جي ٻڌل ڄڃ کي نئين زِندگي عطا فرماءِ. الله پاڪ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دُعا قبول فرمائي ۽ 12 سال جي ٻڏل ٻيڙي گهوٽ، ڪنوار ۽ ڄڃ سميت درياء تي ظاهر ٿي ۽ ڪجهه ئي گهڙين ۾ ڪناري اچي پهتي.

تمام ڄاڃي سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان دعائون وٺي خوشي خوشي پنهنجي گهر پهتا. هن ڪرامت کي ٻُڌي بيشمار ڪافرن حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ اچي سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيو.[1]

*نکالا ہے پہلے تو ڈوبے ہوؤں کو اور اب ڈوبتوں کو بچا غوثِ اعظم*

**اي عاشقانِ رسول!** ڪيتري وڏي ڪرامت آهي، يقيناً هن کي پڙهي يا ٻڌي ڪري زبان مان پاڻهي سُبْحٰنَ الله! نڪرندو آهي، نڪرڻ به گهرجي، آخر حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرامت آهي پر ٿورو غور ڪيو! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها ڪرامت ڏيکاري ڇو؟ 12 سال جي ٻُڏل ٻيڙي ٻيهر ڇو ڪڍي؟ هڪ ٻڍڙيءَ جي اکين مان نڪرڻ وارا لڙڪ روڪڻ لاءِ ان سان همدردي ڪرڻ جي لاءِ.

**اي قادريو! اي غوثِ پاڪ جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارؤ! اي عاشقانِ اولياء!** ايئن دُعا ڪري الله پاڪ کان پنهنجي ڳالهه مڃائڻ، 12 سالن جي ٻڏل ٻيڙي ڪڍڻ يقيناً حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي جو شان آهي پر غور ته ڪيو! جيڪڏهن حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻڍڙيءَ جي اکين مان نڪرندڙ ڳوڙهن جي سبب 12 سال جي ٻُڏل ٻيڙي ڪڍي سگهن ٿا ته ڇا اسان قادري سڏرائيندڙ، غوثِ پاڪ ۽ ٻين اوليائن جي محبت جي دعويٰ ڪندڙ غريبن جي مدد جي لاءِ ڪيسي مان ڪجهه روپيا نٿا ڪڍي سگهون؟ ڇا اسان غريبن سان

---

[1] ...مُنّے کی لاش، صفحہ:7 خُلاصۃً۔

پنهنجي وات جو گرھ نٿا وندي سگهون؟ ڇا اسان بکايلن کي کاڌو نٿا کارائي سگهون؟ ڇا اسان يتيمن جي مٿي تي هٿ بہ نٿا رکي سگهون؟ ڇا اسان غريبن سان مُرڪي ڳالهائي بہ نٿا سگهون؟ اُنهن جي عزّتِ نفس جو خيال نٿا رکي سگهون؟ ڇا اسان غريبن لاءِ دُعا بہ نٿا ڪري سگهون؟ ڪري سگهون ٿا، يقيناً ڪري سگهون ٿا پر افسوس! اسان ايئن نٿا ڪيون، افسوس! اَڄ اسان جي معاشري ۾ غريب بُک سبب تڙپندا رهن ٿا، ڪو انهن جو مددگار ناهي ٿيندو، ڪڏهن ماءُ پيءُ غربت سبب تنگ اچي ٻارن جو گلو دٻائي ڇڏين ٿا، پوءِ خود ڪشي ڪري ڇڏين ٿا پر اسان جي عيش ۽ عشرت ۾ ڪمي نٿي اچي، نفلي صدقو ۽ خيرات تہ ڇا ڪرڻو هو، جن تي زڪوٰة فرض ٿئي ٿي اهي پُوري زڪوٰة بہ نٿا ڪڍن. مُعَاشري ۾ غُربت، مفلسي تنگدستي، غم، ڏُک، پريشانيون وڌي رهيون آهن ۽ ٻي طرف همدردي، خير خواهي، غمخواري ۽ سخاوت جا جذبا بہ گهٽ کان گهٽ ٿيندا پيا وڃن. ٿورو غور ڪيو! اسان جا اَسلاف، بزرگانِ دِين هڪ ڏکايل جي اکين جي لڙڪن تي ترس کائي کهڙيون کهڙيون ڪرامتون ڏيکاريندا هئا ۽ اسان سيلفي ناهي، ويڊيو ناهي ويچاري غريب جي غُربت جو چرچو ڪندا آهيون. اهڙا دل ڏکائيندڙ واقعا بہ ڏسڻ لاءِ ملندا هوندا جو ڪنهن غريب جي مالي مدد ڪرڻ وارو، ڪو راشن ڏيڻ وارو، کائڻ پيئڻ جون شيون ڏيڻ وارو هڪ ئي شخص هوندو آهي پر اٺ، ڏهہ (8-10) ماڻهو ان سان ملي تصويرون نهرائي رهيا هوندا آهن، سوشل ميڊيا تي ڏيکاري رهيا هوندا آهن تہ جڻ انهن سڀني ان غريب جي مدد ڪئي آهي، غور ڪيو! اهڙن موقعن تي اُن غريب تي ڇا گذرندي هوندي...؟

گنوادی ہم نے جو اسلاف سے میراث پائی تھی ثُریا سے زمیں پر آسماں نے ہم کو دے مارا

جڏهن اسان جو اِهو حال آهي، اسان پنهنجي بزرگن جي سيرتن جي بلڪل اُبتڙ هلي رهيا آهيون، انهن جي ٻڌايل طريقن کان گهٽو پري آهيون، تنهنڪري اسان جي معاشري جو حال بہ ڏسي ونو! اڄ ماڻهو سڪون جي تلاش ۾ دَر دَر رُلي

رهيا آهن، معاشري ۾ بي چيني وڌندي پئي وڃي، هڪ عجيب ڪشمڪش آهي، تنگدستي آهي، گهرن جا سڪون برباد آهن، پريشانيون، جهيڙا جهٽا، مارڪُٽ، بي روزگاري، قتل ۽ غارت گري، اغواء، بي حيائي اسان جي معاشري ۾ ڇا ڪجھ نہ پيو ٿئي، ڪيتريون پريشانيون آهن، جن ۾ اڄ اسان وڪوڙيل آهيون، هڪ بظاهر خوش انسان ڪي پاڻ وٽ ويهاري ٿورو احوال وٺو! اندران ٽٽل، غم، ڏک درد سان ڀريل ملندو...! سڄي دُنيا تي نگاھ وجهو! مسلمان پسجي رهيا آهن، مسلمانن تي ظُلم ٿي رهيو آهي، ٻيون قومون مسلمانن کي دٻائي رهيون آهن. آخر ائين ڇو آهي؟

گنوا دی ہم نے جو اسلاف سے میراث پائی تھی ثُریا سے زمیں پر آسماں نے ہم کو دے مارا

**اي عاشقانِ رسول!** اسان کي سمجهڻو پوندو، اسان کي پاڻ کي بدلڻو پوندو...!

دوڑ پیچھے کی طرف اے گردشِ ایام تُو

يقين مڃيو! اسان کي واپَس موٽڻو پوندو، پنهنجي اسلاف جي پاڪيزہ ڪردار مان رهنمائي وٺڻي ئي پوندي، پنهنجي بزرگن جي طرزِ زِندگي مان روشني وٺي مُعَاشري مان اونداهيون پري ڪرڻيون پونديون، انهيءَ ۾ اسان جي ڀلائي آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي بزرگن جي سيرت مان روشني نہ ورتي، غير مسلمن جي طريقن تي ئي هلندا رهياسين تہ ياد رکو!

نہ سمجھو گے تو مٹ جاؤ گے اے جہاں والو تمہاری داستاں تک نہ ہو گی داستانوں میں

## سوشل ويلفيئر ۽ دعوتِ اسلامي

الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي ماڻهن کي ديني ڳالهيون ٻڌائي، نماز سيکاري، روزي، حج ۽ زڪوٰة جا احڪام سيکاري، سُنتن جو پيڪر ٺاهي، نيڪي جي دعوت ڏئي، نيڪ نمازي ٺاهي ڪري همدردي ڪري

ئي رهي آهي، ان سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جو هڪ ڊپارٽمنٽ آهي: FGRF. هن ڊپارٽمنٽ جو بنيادي مقصد آهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏکايل اُمّت سان همدردي ڪرڻ، غمخواري ڪرڻ، ڪا اچانڪ مصيبت مثال طور خدانخواسته زلزلو اچي، سيلاب اچي ته يڪدم امدادي ڪاروائين ۾ حِصو ونڻ آهي.

**اي عاشقانِ غوثِ اعظم!** اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته **الحمدلله!** دعوتِ اسلامي جي ڊپارٽمنٽ FGRF تحت ⁉...سيپٽمبر 2021 ۾ تقريباً 39 هزار افراد ۾ تيار کاڌو ورهايو ويو ⁉... ڪورنگي ابراهيم حيدري (ڪراچي) ۾ غريبن ⁉... سُرجاني (ڪراچي) ۾ برسات سان متاثر ٿيندڙ تقريباً 350 گهرن ۾ راشن ۽ کاڌو ورهايو ويو ⁉... 20 نيو مسلم (New Muslims) گهرن ۾ راشن ورهايو ويو ⁉... سڄي ملڪ ۾ هينئر تائين تقريباً 992 کان وڌيڪ کوهه، سولر پمپ لڳايا ويا آهن ⁉... ٿيليسيميا ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا ماڻهن جي مدد لاءِ هن وقت تائين تقريباً 48 هزار 60 رت جون بوتلون (Blood Bags) مختلف ادارن کي فراهم ڪيون ويون آهن ⁉...جُزوي معذور ٻارن جي بحالي جي لاءِ الحمدلله Faizan Rehabilitation Center (F.R.C) جو قيام ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ تقريباً 2000 کان وڌيڪ جي رجسٽريشن ڪئي وئي آهي.

اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو "روحاني علاج" به آهي. هن شعبي تحت ڏکايل، پريشان حال، تنگدست، بيمار ماڻهن جي لاءِ في سبيل الله روحاني عِلاج ڪيو ويندو آهي. اوهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اُمَّت جي خيرخواهي جي، همدردي ۽ رحم دِلي جي هن ديني ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

ہو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا    درد مندوں سے، ضعیفوں سے محبت کرنا
دُور دُنیا کا مرے دم سے اندھیرا ہو جائے    ہر جگہ میرے چمکنے سے اجالا ہو جائے

ميرے اللہ! برائی سے بچانا مجھ کر    نیک جو راہ ہو اس راہ پہ چلانا مجھ کو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (نصيحت:3): زِندگي کي غنيمت سمجهو...!

10 شوال المڪرم، 545 هجري، آچر جو ڏينهن هو، صبح جي وقت حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي مدرسي ۾ بيان فرمايو ۽ ان بيان جي شروعات پاڻ هڪ حديثِ پاڪ سان ڪئي، فرمايائون:

الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ فُتِحَ لَهٗ بَابٌ مِّنْ خَيْرٍ جنهن جي لاءِ ڀلائي جو دروازو کوليو وڃي، فَلْيَنْتَهِزْهُ ته ان کي گهرجي ته جلدي ڀلائي جي ان دروازي ۾ داخِل ٿي وڃي فَاِنَّهٗ لَا يَدْرِیْ مَتٰی يُغْلَقُ عَلَيْهِ ڇو ته هُو نٿو ڄاڻي ته اهو دروازو ان جي لاءِ ڪڏهن بند ڪيو ويندو.[1]

اها حديثِ پاڪ بيان ڪرڻ کان بعد حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن فرمايو: اي انسانو...! جلدي ڪيو...! جيستائين زِندگي جو دروازو کليل آهي، پنهنجي ساهن کي غنيمت سمجهو، عنقريب اهو دروازو بند ڪيو ويندو. جيستائين توهان ۾ طاقت ۽ همت آهي، نيڪ عملن کي غنيمت سمجهو! جيستائين توبہ جو دروازو کليل آهي، هن کي غنيمت سمجهو! دُعا جو دروازو کليل آهي، دُعا گهرڻ کي غنيمت سمجهو! نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ جو دروازو کليل آهي، ان کي غنيمت سمجهو!

اي انسانو! توهان جيڪو نقصان ڪري ورتو، ان کي پُورو ڪيو! جيڪا (گناهن جي نجاست) دامن تي لڳائي وينا آهيو، ان کي ڌوئي ڇڏيو! جيڪي

1 ...زُہد لابن مبارک،صفحہ:76، حديث:117 ۔

بُرائيون ڪيون آهن، انهن کي نيڪ ڪيو...! دِل تي جيڪا گُناهن جي ڪاراڻ چاڙهي وينا آهيو، ان کي صاف ڪيو! جيڪو توهان (ناحق) ورتو آهي، واپس موٽائي ڏيو! پنهنجي مالِڪ و موليٰ (يعني پياري رَبّ ڪريم) جي نافرماني کان باز اچو...! الله ڪريم جي دروازي تي حاضِر ٿيو...! هتي ٻيو ڪوبہ نہ آهي، صِرف الله خالِق و مالِڪ آهي، جيڪڏهن توهان ان جي دَر تي حاضِر ٿيو تہ ان جا ٻانها آهيو، جيڪڏهن توهان مخلوق ڏانهن متوجهہ آهيو (مثال طور مال ۽ دولت ڪمائڻ ۾ رُذل آهيو ۽ ان سبب الله پاڪ جي دَر تي حاضِري نٿا ڏيو، الله پاڪ کي وساري وينا آهيو تہ توهان الله پاڪ جي بندگي نہ پيا ڪيو بلڪہ) مخلوق جا ٻانها بڻيل آهيو.

اي انسان! سُستي نہ ڪر...! چاڪاڻ تہ سستي هميشہ جي محرومي ۽ شرمندگي جو سبب آهي. پنهنجا عمل موچارا ڪر...! الله پاڪ دُنيا ۽ آخرت ۾ تو تي انعام فرمائيندو.

حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو بيان جاري رکندي وڌيڪ فرمايو: قيامت جي ڏينهن انسان پنهنجي دُنيا ۾ ڪيل چڱن بُرن عملن کي ياد ڪندو پر ان وقت شرمندگي ڪو فائدو نہ ڏيندي، فائدو تہ هن ۾ آهي تہ موت کان پهريان قيامت کي ياد ڪيو...! جڏهن ماڻهو ميوا پٽي رهيا هجن، ان ڏينهن ٻج پوکڻ واري وقت کي ياد ڪرڻ ڪو فائدو ناهي ڏيندو.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: دُنيا آخرت جي پوک آهي، جيڪو هتي ڀلائي جو ٻج پوکيندو، قيامت جي ڏينهن خوشي خوشي ميوو حاصِل ڪندو ۽ جيڪو دُنيا ۾ بُرائي جو ٻج پوکيندو، قيامت جي ڏينهن شرمسار ٿيندو. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: (انسانو!) جڏهن توهان کي موت ايندو، توهان خوابِ غفلت کان بيدار ٿي ويندؤ پر ان وقت بيدار ٿيڻ جو ڪو فائدو نہ آهي. اي انسانو! بُرن ماڻهن جي صحبت توهان کي نيڪ ماڻهن کان بدگمان ڪري ڇڏيو آهي. الله پاڪ جي ڪتاب ۽ سُنّتِ مصطفيٰ جي روشني ۾ زِندگي گذاريو! ڪاميابي توهان

جا قدم چمندي. الله پاڪ کان اهڙو حياء ڪيو، جهڙو ان کان حياء ڪرڻ جو حق آهي. غفلت ۾ پنهنجو وقت ضايع نہ ڪيو...! توهان اهو مال گڏ ڪرڻ ۾ مصروف آهيو، جيڪو توهان ڪي استعمال ئي ناهي ڪرڻو، اهي خواب سجايو ٿا، جن تائين پهچي نہ سگهندؤ، اهي عمارتون ٺاهيو ٿا جن ۾ توهان ڪي (هميشہ) ناهي رهڻو ۽ انهن سيني ڳالهين توهان ڪي الله پاڪ جي حُضُور حاضِر ٿيڻ کان غافِل ڪري ڇڏيو آهي.

غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي بيان جو سلسلو مزيد اڳتي وڌائيندي فرمايو: هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سڀ ڀلائي الله پاڪ وٽ آهي ۽ سموري برائي غَيرُ الله (يعني الله پاڪ جي دشمنن) وٽ آهي. ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿي وڃو...! الله پاڪ جي عزت واري در کان پري ڀڄڻ ۾ صِرف بُرائي آهي.

اي انسانو! توهان تي لازم آهي تہ (1): موت ڪي ياد ڪيو! (2):مصيبت تي صبر ڪيو! (3): ۽ هر حال ۾ الله پاڪ تي ڀروسو رکو...! جڏهن اهي ٽئي وصفون توهان ۾ چڱي طرح پيدا ٿي وينديون تہ توهان ڪي موت هن حالت ۾ ايندو جو موت ڪي ياد ڪرڻ سبب توهان زاهد بڻجي چڪا هوندا، صبر جي ذريعي توهان الله پاڪ جي بارگاهہ مان دل گهريو انعام ماڻيندؤ تہ تَوَڪل جي ذريعي الله پاڪ سان توهان جو تعلق مضبوط ٿي ويندو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دِين ڪي نقصان پهچائيندڙ چار ڳالهيون:

12 شوال المڪرم، 545 هجري تي شام جي وقت حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي مدرسي ۾ بيان ڪندي فرمايو: توهان جي دِين جو نقصان چار ڳالهين ۾ آهي:

(1): توهان پنهنجي عِلم تي عمل نٿا ڪيو (2): جيڪو نٿا ڄاڻو اهو ڪيو ٿا

(مثال طور جهالت جي سبب گُناهن کي نيڪي سمجهي رهيا هوندا آهيو ۽ نيڪي کي گُناهه سمجهي رهيا هوندا آهيو) (3): جيڪو توهان نٿا ڄاڻو، ان کي سکڻ جي ڪوشش نٿا ڪيو، لهٰذا بي عِلم رِهجي وڃو ٿا (4): ماڻهن جي لاءِ عِلمِ دين جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجو ٿا.

اي انسانو! توهان جو اهو حال آهي جو عِلم جي، ذِڪر ۽ فِڪر جي محفل ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويندا آهيو، استقامت سان نٿا وڃو ۽ جڏهن بيان ڪرڻ واري جو بيان ٻڌو ٿا تہ ان مان نصيحت حاصل نٿا ڪيو بلڪ ان جون غلطيون ڪڍو ٿا، ان تي کلو ٿا، مذاق اُڏايو ٿا. هن ڳالهہ کان توبہ ڪيو! اللّٰه پاڪ جي دُشمنن جهڙا نہ ٿيو! جيڪو ٻڌو ٿا، ان مان نصيحت حاصِل ڪيو! توهان تي لازِم آهي تہ نيڪي ڪيو ۽ اِخلاص سان ڪيو. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ
(پاره:27، سورهٔ ذاريات:56)

ترجمو كنزالعرفان: ۽ مون جنّ ۽ انسان اِن لاءِ پيدا ڪيا تہ منهنجي عبادت ڪن.

اها آيت تِلاوت ڪري حُضُور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اللّٰه پاڪ جنّن ۽ انسانن کي نفساني خواهشن جي لاءِ ناهي بڻايو، راند روند جي لاءِ ناهي پيدا ڪيو، رڳو کائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ جي لاءِ ناهي پيدا ڪيو . اي غافلؤ...! پنهنجي غفلت جي ننڊ مان جاڳي وڃو...! توهان اهڙي غفلت ۾ آهيو جڻ توهان کي مرڻو ئي ناهي، جڻ توهان کي قيامت جي ڏينهن اُٿاريو نہ ويندو، جڻ اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ توهان جو حِسَاب نہ ورتو ويندو، جڻ توهان کي پُل صراط تان گذرڻو ناهي؟ اهو آهي توهان جو حال...! ۽ توهان مسلمان هئڻ جي دعويٰ ڪيو ٿا...!

(ياد رکو!) هي قرآنِ ڪريم آهي، جيڪڏهن توهان ان تي عمل نہ ڪيو تہ قيامت جي ڏينهن اهو توهان جي خِلاف دليل ٿيندو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** **حُضور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جون ڪيتريون عبرتناڪ ۽ غفلت مان بيدار ڪرڻ واريون نصيحتون آهن، حُضُور غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **اسان جا پِير آهن، پيرانِ پير آهن، ڪاش! اسان اوهان جي هنن نصيحتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.** اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: 72 نيڪ اعمال

**پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام جي تعليمات سکڻ، ان تي عمل جو جذبو پيدا ڪرڻ، نيڪين تي استقامت ۽ مرڻ کان پهريان موت جي تياري جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ۽ 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌ کان وڌ حِصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جي برڪت سان دين ۽ دُنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: 72 نيڪ اعمال.**

**"72 نيڪ اعمال" عاشقِ غوثِ پاڪ، امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جو عطا ڪيل نيڪ بڻجڻ جو بهترين نسخو آهي، الحمد لله! پابندي سان 72 نيڪ اعمال جو رسالو پرڻ سان نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ جو ذِهن بڻجندو ۽ ڪردار ۾ نمايان تبديلي ايندي آهي.**

## نيڪ بڻجڻ جو زبردست فارمولو

**ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: اسان جي علائقي جي مسجد جو امام صاحب جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته آهي، ان هڪ ڏينهن منهنجي وڏي ڀاء کي 72 نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ ڏنو، ڀاءُ گهر اچي اهو رسالو پڙهيائين ته حيران رهجي ويو ته هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست**

فارمولو ڏنو ويو آهي، بس ان 72 نيڪ اعمال جي رسالي ان جي زندگي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ان جي برڪت سان الحمد الله ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضِر ٿي ويو ۽ هاڻي 5 وقت جو نمازي بڻجي ويو آهي، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ورتي ۽ 72 نيڪ اعمال جو رسالو به پريندڙيو آهي.[1]

مدنی انعامات کے عامل پہ ہر دَم، ہر گھڑی یاالٰہی! خوب برسا رَحمتوں کی تُو جھڑی

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ "نيڪ اعمال" کي پهريان "مدني انعامات" چيو ويندو هو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# اَلْقُرآن مَعَ تفسِير ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ زبردست موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: Quran with Tafseer (اَلْقُرآن مَعَ تفسِير) ايپلي ڪيشن. هن ايپلي ڪيشن ۾ قرآن ڪريم، ترجمو ڪنزالايمان، ترجمو ڪنز العرفان ۽ تفسير صراط الجنان شامِل آهي، پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو، قرآنِ ڪريم پڙهو، ترجمو پڙهو، تفسير پڙهي قرآنِ ڪريم سمجهو، ان جون برڪتون ماڻيو ۽ ٻين کي پڻ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِي عِندَ فَسَادِ اُمَّتِي فَلَهُ اَجرُ مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل

[1]...جنت کے طلب گاروں کے لئے مدنی گلدستہ، صفحہ:14۔

ڪندو ان کي سو شهيدن جو ثواب عطا ٿيندو.[1]

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش! یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# هلڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: هڪ شخص ٻه چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ غرور ۾ هو اهو زمين ۾ دٻايو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ دٻايو ئي ويندو.[3]

**هلڻ جون 2 سنتون:** (1):سرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ته پاڻ سان گڏ هلندڙ ڪنهن صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ سان پڪڙي وٺندا هئا.[4] (3):رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا ته ٿورو اڳيان واري پاسي جهڪي هلندا هئا جڻ ته پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن.(5)

**هلڻ جا 6 آداب:** (1): رستي تي هلندي پريشان نظري (يعني بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ) سنت ناهي (2): ڳچي ۾ سون يا ڪنهن ٻه ڌاتو (Metal) جي چين پائي، ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ گلو ڪولي آڪڙجي هرگز نه هلو ڇوته احمقن ۽ مغرورن ۽ فاسقن جي چال آهي. ڳچي ۾ سون جي چين يا هٿ ۾ ڪڙو (Bracelet) پائڻ مرد جي لاءِ حرام آهي ۽ ٻين ڌاتون (Metals) جي ٻه ناجائز آهي (3): جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هجي ته رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري چال هلو، نه ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن اٿن ته تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نه ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو (4): ڪنهن جي

---

1 …زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

2 …وسائل بخشش، صفحہ:115۔

3 …مسلم، صفحہ:1156، حدیث:2088۔

4 …معجم کبیر، جلد:7، صفحہ:277، حدیث:7132۔

5 …شمائل محمدیہ للترمذی، صفحہ:87، رقم:118۔

ماڙيءَ جي اڳڻ يا دري ڏانهن بلاضرورت نگاهه ڪٽي ڏسڻ مناسب نہ آهي (5): هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي (6): ڪجهه ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بلڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن ڊبن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي ليبل (Label) واري خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.[1]

سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتنڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |
| ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

[1]...550 سنتيں اور آداب، صفحہ:3-5 بتغير قليل۔

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

**حضرتِ سيدُنا انس** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **ڪان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه**صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ ڪان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ ڪان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.** [2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُودشريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَافِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[3]...القول البديع،الباب الاول،ص125

شافعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پالڻهار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[2]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]... تاريخ ابنِ عساکر،١٥٥/١٩،حديث:۴۴١٥